SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1974

# SINDH ACT NO.XIV OF 1974

# طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، 1974

# THE SINDH UNLAWFUL SALE AND STOCKING FOR SALE OF MEDICAL EQUIPMENT AND DRUGS ACT, 1974

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد

1. مختصر عنوان، احاطو شروعات

Short Title extent and commencement

2. وصفون.

Definitions

3. طبي آلات ۽ دوائن جي غيرقانوني فروخت

Unlawful sale of drugs and equipment

4. اجازت ۽ اختيار کانسواءِ آلات ۽ دوائن جو نيڪال

Unauthorized disposal of drugs and equipment

5. مقدمو

Trial

6. ضبطگي

Confiscation

7. قاعدا

Rules.

# سنڌ ايڪٽ نمبر **XIV** مجريه **1974**

# SINDH ACT NO.XIV OF 1974

# طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، **1974**

# THE SINDH UNLAWFUL SALE AND STOCKING FOR SALE OF

# MEDICAL EQUIPMENT AND DRUGS ACT, 1974

**[9 نومبر 1974]**

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ سرڪار جي دوائن ۽ طبي آلات کي غير قانوني طور تي کپائڻ ۽ ذخيري ڪرڻ تي سزا ڏني ويندي.

تقاضا آهي ته هڪ ايڪٽ جوڙيو وڃي ته جيئن سنڌ سرڪار جي دوائن ۽ طبي آلات کي غيرقانوني طور تي کپائڻ ۽ ذخيري ڪرڻ تي سزا ڏئي سگهجي.

ان ڪري هن ريت ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان، احاطو ۽ شروعات
Short Title extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) اهو سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.

(3) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون.
Definitions

2. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي تناظر جي تقاضا خلاف نه آهي ته هن هيٺ ڏنل اظهار، لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ٿيندي:

(a) "بااختيار" جو مطلب آهي جيڪو هن ايڪٽ جي قاعدن مطابق بااختيار بڻايو وڃي؛

(b) "دوا" جو مطلب آهي، جنهن جي وضاحت ڊرگ ايڪٽ، 1940 (ايڪٽ XXIII مجريه 1940) جي دفعه 2 جي شق (b) ۾ ڇاڻائي وئي آهي.

طبي آلات ۽ دوائن جي غيرقانوني فروخت
Unlawful sale of drugs and equipment

(c) "آلات" جو مطلب آهي اهي اوزار جيڪي طبي يا جراحيءَ مقصد خاطر هجن.

(d) "گورنمينٽ" جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

اجازت ۽ اختيار کانسواءِ آلازت ۽ دوائن جو نيڪال
Unauthorized disposal of drugs

(e) "سرڪاري نشاني" جو مطلب آهي ڇاڻايل نشاني.

(f) "ڇاڻايل" جو طلب آهي جيڪو هن ايڪٽ جي

| | |
|---|---|
| and equipment | قاعدن ۾ تجويز ڪيل هجي. |
| مقدمو Trial | 3. جيڪو به ڪنهن اختيار اجازت ڪانسواءِ سرڪاري نشان واريون دوائون يا آلات وڪرو ڪندو، ورهائيندو، گڏ ڪندو يا ان جي نمائش ڪندو ته هن کي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ڏنڊ سميت جيڪو ڏهن هزارن تائين جو ڪري سگهجي ٿو، يا ٻئي گڏيل ڏنڊ ۽ جيل. |
| ضبطگي Confiscation | |
| قاعدا Rules. | 4. ڪو به ماڻهو جيڪو ڪنهن اختيار ڪانسواءِ سرڪاري نشان لڳل دوائون يا طبي اوزار نيڪال ڪندو، يا نيڪال ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو ته هن کي جيل جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن سالن جي مدي تائين وڌائي سگهجي ٿي، يا ان تي ان سان گڏ ڏنڊ به وجهي سگهجي ٿو، جيڪو ڏهه هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو. يا ڪيس جيل ۽ ڏنڊ جي گڏيل سزا ڏني سگهجي ٿي. |
| | 5. هن ايڪٽ هيٺ ڪنهن به ڏوهه جو مقدمو اهو فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ هلائيندو، جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ سرڪار اختيار ڏنو هوندو ۽ جيڪو ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (ايڪٽ V مجريه 1898) جي مطابق هوندو. |
| | 6. سرڪاري نشان واري دوا ۽ اوازار جيڪي هن ايڪٽ هيٺ ضبط ڪيا ويندا، اهي حڪومت جي حوالي ٿيندا. |
| | 7. هن ايڪٽ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.